ڊاڪٽر قاضي خادم

ڊيون ڪهاڻيءَ جو فن

سنڌي ٻوليءَ ۾ جيون ڪهاڻيءَ جي شروعات ناول کان اڳ ۾ ٿي چڪي هئي. (۱) ليڪن ناول ۽ ٻين افسانوي ادب جي برعڪس جيون ڪهاڻيءَ جي فن جي ڪا خاص وضاحت ڪو نہ ڪئي وئي آهي، نہ وري ان جي باري ۾ تنقيدي ۽ تحقيقي ڪوجنا جوئي ڪو ڪم ڪيو ويو آهي. تنهنڪري سنڌي جيون ڪهاڻين جو ماضي ۽ حال اڻ ڄاڻائيءَ جي ڌنڌ ۾ ويڙهيل آهي. انهيءَ ڪري هن اهم غير افسانوي صنف جو جائزو وٺڻ لاءِ پهرين ٻولين ۾ هن صنف تي ٿيل تحقيق جو جائزو وٺڻو پوندو.

انسائيڪلوپيڊيا برٽانيڪا ۾ هن صنف جي وصف هن ريت ڪيل آهي:

"form of nonfictional literature, the subject of which is the life of an individual. In general the form is considered to include autobiography, in which the subject recounts his or her own history" .(2)

(غير افسانوي ادب جو هڪ قسم آهي، جنهن جو موضوع فرد جي حياتي هوندو آهي. عام طرح سان هن ۾ آتم ڪهاڻي بہ اچي وڃي ٿي جنهن جو موضوع هن جي پنهنجي تاريخ جو بيان هوندو آهي.)

'لٽرري بايوگرافي، جو ايڪٽ ليون ايڊل جيون ڪهاڻيءَ جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو ته:

"The most delicate and hnmane of all the branches of the art of wri'ing. A biography is a record in words

of something that is as mercurial and as flowing, as compact of temperament and emotion, as the human sprit itself" .(3)

ليڪن اڳتي هلي هو خود ئي لکي ٿو:

"The biographer like a historian is slave of his documents" .(4)

(جيون ڪهاڻي لکندڙ هڪ مورخ وانگر پنهنجن دستاويزن جو غلام آهي.)

ان راءِ جي وضاحت ڪندي هو چوي ٿو:

"History of the lives of men as a branch of literature" .(٥)

(ماڻهن جي حياتيءَ جي تاريخ ادب جي هڪ شاخ وانگر.)

انسائيڪلو پيڊيا برٽانيڪا ۾ انهيءَ راءِ جي باري ۾ هن ريت آيل آهي ؛

"Biography can be seen as a branch of History, since it depends on a selective ordering and interpretation of material, writen and oral, established through research and personal recollections. It can also be seen as a branch of imaginative literature" .(6)

(جيون ڪهاڻيءَ کي تاريخ جي هڪ شاخ سمجهڻ گهرجي. جيئن ته ان جو دارو مدار واقعن جي تسلسل ۽ لکيل توڙي زباني مواد جي وضاحت تي آهي، جيڪو تحقيق ۽ ذاتي يادگيرين جي بنياد تي قائم ڪيو ويو هجي. ان کي تخليقي ادب جي شاخ ۾ سمجهي سگهجي ٿو.)

ايلن شيلسٽن ڪارلائل جو حوالو ڏيندي چوي ٿو:

"History is the essence of innumerable biographies" .(7)

مرزا قليچ بيگ ۾ جيون ڪهاڻيءَ لاءِ پنهنجي راءِ هن طرح ڏني آهي ته، "ڪنهن ملڪ يا قوم جي تاريخ ان جي بادشاهن ۽

مهندارن جي سوانح عمرين جو مجموعو آهي." (۸) ليڪن هو به آتم ڪهاڻيءَ کي اپورو ڪري ٿو ڪوٺي، ڇو جو ڪو به ماڻهو پنهنجي حياتي جو مڪمل احوال پاڻ ڪو نه ٿو لکي سگهي.

جيون ڪهاڻين جي باري ۾ جيڪا گهٽ تحقيق يا تنقيد ڪئي وئي آهي، تنهن لاءِ خود ليئون ايڊل به شڪايت ڪري ٿو:

"In recent decades there has been a close defination of the craft of fiction, but there has been singular lack of defination of the craft of biography" .(9)

(تازي گذريل دور ۾ ادب جي وصف جي باري ۾ ڪافي ڪجهه لکيو ويو آهي، پر جيون ڪهاڻين جي فن جي باري ۾ واضح ڪوٺ محسوس ٿئي ٿي).

جيون ڪهاڻين جي دلچسپي جو بيان ڪندي ايلن شيلسٽن لکي ٿو.

"The immidiate attraction of biography for the reader is two fold. It appeals to our curiosity about human personality and it appeals to our interest in factual knowledge in finding out what exactly happens." (10)

(هڪ جيون ڪهاڻيءَ ۾ پڙهندڙن لاءِ ٻن قسمن جي ڪشش آهي هڪ ته اها اسان جي انساني شخصيتن بابت تجسس جي جذبي کي مطمئن ڪري ٿي ۽ ٻيو ته اسان جي اندر حقيقتن ڄاڻڻ ۽ اهو ڄاڻڻ ته واقعي ڇا ٿيو هو، جي جذبي کي تسڪين ڏئي ٿي).

هن ڏس ۾ مشهور سنڌي ليکڪ ۽ نقاد لال پشپ لکي ٿو:

"جيوني لکڻ جي ڪلا جيتوڻيڪ ڊرامي، ناول، ڪهاڻي ۽ ڪويتا جي شاخن جي پيٽ ۾ سڀ کان نئين ۽ جوان آهي ۽ ۱۹ صدي شروعات کان ساهتيه جي ان شاخ زبردست انتي ڪئي آهي."(۱۱)

هن جي راهه مان وري اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته جيون
ڪهاڻي ادب جي هڪ شاخ آهي. جڏهن ته يورپ جا ليکڪ توڙي
سنڌي جيون ڪهاڻين جي اڀياس مان، هن صنف جو واسطو حقيقت
مان هجڻ ڪري، اها تاريخ مان ڌار ڌار ڌاپيل صنف لڳي ٿي، جنهن
۾ ڪنهن ماڻهوءَ جي حياتيءَ جي تاريخ بيان ڪئي ويندي آهي.

اردوءَ جو مشهور محقق علم الدين سالڪ هن ئي ڏس ۾
پنهنجي مضمون ۾ لکي ٿو ته، "سوانح نگاري هڪ قسم جي تاريخ
آهي جيڪا هڪ فرد واحد جي ڪارنامن تي مشتمل ٿيندي آهي.
افسانو خيال آهي ۽ هيءَ حقيقت ..... آتم ڪهاڻي ايتري قديم
آهي جيترو خود انسان. بعض زبانن ۾ ته، هزارها سال پراڻيون آتم
ڪهاڻيون آهن." (۱۲)

ڊاڪٽر سيد عبدالله جيون ڪهاڻيءَ لاءِ لکي ٿو ته، "اها
مڪمل حالات زندگي يا زندگيءَ جي ڪنهن حصي جي روئداد
هجي." (۱۳)

انهيءَ مان به معلوم ٿئي ٿو ته جيون ڪهاڻي افسانوي ادب
کان وڌيڪ تاريخ يا حقيقت جي بنياد تي لکجندڙ صنف آهي،
جنهن ۾ ليکڪ واقعات، دستاويزن ۽ زباني معلومات ۽ شاهدين
جي بنيادن تي ڪنهن شخصيت جي جيون جو احوال لکندو آهي
۽ ان ۾ پنهنجي طرفان ڦيرڦار ڪرڻ جي هن کي ڪابه اجازت نه
هوندي آهي. جڏهن ته آتم ڪهاڻيءَ جو ليکڪ وري خود مختيار
هوندو آهي.

ٻئي طرف محترمه ريحانه قائم پنهنجي مضمون "آپ بيتي
ڪيا هي" ۾ لکي ٿي، "آتم ڪهاڻي، جيون ڪهاڻيءَ کان بهتر
۽ دلچسپ تصنيف آهي. ڇو جو اها ذاتي آهي ۽ خود اديب

پنهنجي باري ۾ لکي ٿو، اهڙا واقعا جن جو علم هن کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي به ڪونهي." (١٣)

حالانڪ آتم ڪهاڻي، جيون ڪهاڻيءَ جو هڪ قسم آهي، جنهن ۾ ڪو شخص پنهنجي شخصي زندگيءَ جي حالتن کي قلمبند ڪندو آهي. ان جي باري ۾ اڳ ۾ ئي وضاحت ڪري چڪا آهيون ته ان صنف ۾ ڪي ڪمزوريون آهن: ١- ڪو شخص ضروري ناهي ته پنهنجي باري ۾ مڪمل سچ ڳالهائيندو هجي. ٢- پنهنجين ڪمزورين جو بيان ڪرڻ به ناممڪن نه ته مشڪل ضرور آهي. ٣- پنهنجي ساراهه ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ به انساني سڀاءَ جي خلاف آهي. تنهن کان پوءِ ڪئين ڳالهيون اهڙيون آهن جن ۾ ڪو شخص پنهنجي ڪردار، قول يا فعل جي باري ۾ پاڻ منصف بڻجي نٿو سگهي. ان هوندي به سينٽ آگسٽس جي اعتراف، "Confession"، جنهن انهي دور جي مذهبي دنيا ۾ ٽڙٽلو وجهي ڇڏيو، ايرل فلائين جو "My wicked wicked ways" جنهن هالي ووڊ جي فلمي دنيا جا پول پڌرا ڪيا، مارگريٽ ترڊيوڊا جو "Beyond reason"، جنهن ڪينيڊا جي وزير اعظم جي زال هئڻ جي باوجود، پنهنجي زندگيءَ جا اهي حقائق لکي ڇڏيا، جو دنيا جي هڪ حصي کي ڇرڪائي ڇڏيائين. اردوءَ ۾ جوش مليح آبادي جي آتم ڪهاڻي، "يادون ڪي بارات" ۽ سنڌيءَ ۾ رئيس ڪريم بخش نظاماڻي جي آتم ڪهاڻي "ڪيٺي ڪتاب"، هن ڏس ۾ اهي مثال آهن، جن کي پڙهندي ذهن جي پڙدي تي اهو سوال اڀري ٿو ته ڇا هن طرح جو سچ به لکي سگهجي ٿو؟ خاص ڪري جڏهن ان سچ مان پنهنجي ذات سان گڏ ٻين جي ذات تان به پردو کڄي وڃي. ان صورتحال مان ائين به ٿي سگهي ٿو ته ڪو شخص پنهنجا

عيب لڪائڻ خاطر پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ پنهنجي ذات تي چنڊا وجهي. تنهنڪري آتم ڪهاڻيءَ کان بهتر جيون ڪهاڻيءَ جي صنف آهي. جنهن ۾ هڪ ٻيو ڪو شخص، دستاويزن ۽ کوجنا جي آڌار تي ذاتي تعلقات ۽ جذبات جي بنيادن تي پنهنجي مشاهدي ۽ تخيل جي مدد سان ٻئي جي زندگيءَ جي تاريخ لکي ٿو، جيڪا ڪنهن حد تائين غير جانبدار ۽ مصدقه ٿي سگهي ٿي.

هڪ ٻيو محقق يوسف جمال وري اهڙن روزنامچن کي آتم ڪهاڻي ٿو سڏي جيڪي مشاهير ۽ اهم شخصيتون باقاعدگيءَ سان لکندا رهندا آهن. (١٥) حالانڪ روزنامچا نه ته ڇپجڻ لاءِ لکيا ويندا آهن ۽ نه وري انهن جي نج ذاتي لکڻين ۽ يادداشتن کان وڌيڪ ڪا اهميت ئي هوندي آهي. ها، البته وقت گذرڻ سان گڏوگڏ هنن جي حيثيت سماجي تاريخ واري بڻجي ويندي آهي. جنهنڪري انهن کي جيون ڪهاڻين جي لاءِ بنيادي مواد طور ڪم آڻي سگهجي ٿو.

ٻئي طرف مشهور مورخ ۽ نقاد غلام رسول مهر خطن کي به جيون ڪهاڻيءَ سان ڀيٽي ٿو، هو پنهنجي مضمون 'آپ بيتيون ڪي اهميت' ۾ لکي ٿو، "خطن ۾ ذاتي حالات کان سواءِ وقت، عهد، ۽ ماحول جي اصلي تصوير ملي ٿي؛ غالب جي خطن ۾ هن جي سوانح ملي ٿي." (١٦) هيءَ راءِ به بحث طلب آهي. علم الدين سالڪ ان راءِ کي اڃا به اڳتي وٺي وڃي ٿو ۽ صوفين جي ملفوظات کي به آتم ڪهاڻين جو هڪ قسم ڪوٺي ٿو. هو لکي ٿو ته، "صوفين جا ملفوظات به آتم ڪهاڻين جي زمري ۾ اچي وڃن ٿا، جي هنن جا مريد، هنن جي گفتگو ۽ احڪامات جي آڌار

تي لکي، مرشدن کان پڙهائيندا هئا. ان سان گڏ خط، سفرناما ۽ ڊائريون، خود جيون يا آتم ڪهاڻيون ڪونہ آهن بلڪ اهي جيون ڪهاڻين لاءِ بنيادي مواد جي حيثيت رکن ٿا. ڪيترا شخص پنهنجي آتم ڪهاڻي لکڻ لاءِ پنهنجين ڊائرين ۽ روزنامچن تي ڀاڙيندا آهن. ميرزا قليچ بيگ پنهنجي آتم ڪهاڻي 'سانوڻ يا ڪارو ڇنو' لکڻ وقت پنهنجا روزنامچا ۽ يادگيريون پڻ ڪتب آنديون هيون. پيو تہ خط، سفرناما يا ڊائريون زندگيءَ جي ڪنهن دور جي احوال تي ٻڌل هوندا آهن. انهن ۾ سڄي زندگيءَ جي باري ۾ ڄاڻ ڪونہ هوندي آهي تنهنڪري هڪ جيون ڪهاڻي لکڻ لاءِ خطن، روزنامچن ۽ ڊائرين مان مجموعي تاثر حاصل ڪري سگهجي ٿو. نہ صرف ايترو پر شاعرن جي تذڪرن کي بہ جيون ڪهاڻين جي زمري ۾ شامل ڪري نہ ٿو سگهجي، ڇو جو اهي موضوع جي لحاظ کان مڪمل نہ آهن ۽ ان ۾ شاعرن جي ذات کان وڌيڪ هنن جي فن ۽ فڪر جو احوال آهي. اهوئي سبب آهي جو، جانسن جي مشهور ڪتاب "Jhonsons lives of the poets" کي جيون ڪهاڻيءَ جو نالو مليل ڪونهي. (١٨)

سنڌي ادب ۾ ڪيترائي خطن جا مجموعا آهن جهڙوڪ "رهاڻ"، "اڄ پڻ چڪيم چاڪ"، "خط" ۽ ٻيا مجموعا. انهن ۾ ڪيترن شخصن جي نجي زندگيءَ جي احوال جون جهلڪيون هونديون بہ اهي جيون ڪهاڻي يا آتم ڪهاڻي جي زمري ۾ ڪونہ ٿا اچن. البتہ آئيندي جا ليکڪ انهن جي آڌار تي ڪئين جيون ڪهاڻيون لکي سگهندا.

جيون ڪهاڻين جا قسم بيان ڪندي ليئون ايڊل ان جا ٽي قسم ڄاڻايا آهن. (١٩)

١- واقعاتي (Chronicle)- هن قسم جي جيون ڪهاڻين ۾ ليکڪ، دستاويزن ۽ واقعاتي شاهدين جي آڌار تي ڪنهن شخص جي زندگي ۽ ان جي مختلف پهلوئن جو تفصيلي جائزو وٺندا آهن . هن قسم جي جيون ڪهاڻين ۾ مواد جي فراهمي ۽ مواد جي تاريخ وار ترتيب تي گهڻو زور ڏنل هوندو آهي . تنهن ڪري اها لکڻي مڪمل طرح تحقيقي حيثيت رکندي آهي . سنڌيءَ ۾ هن قسم جون ڪيتريون جيون ڪهاڻيون آهن جن مان مرحوم حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ جي لکيل "حيات النبي"، قيرواڻي جو لکيل "راج رشي ديوان ڏيارام گدومل جو جيون چرتر"، مرزا قليچ بيگ جي لکيل خانبهادر حسن علي آفنديءَ جي سوانح حيات ۽ اهڙيون ٻيون ڪئين جيون ڪهاڻيون آهن، جن ۾ اهم شخصيتن جي زندگيءَ جو احوال تاريخ وار ترتيب سان پيش ڪيو ويو آهي .

٢- تصويرڪشيءَ جي انداز ۾ لکيل (Portrait)- هن قسم جي جيون ڪهاڻيءَ ۾ ڪنهن شخصيت جي باري ۾ ائين احوال بيان ڪيل هوندو آهي، جو هن جي شخصيت جي هڪ مڪمل تصوير اڀري اچي . هن قسم جي جيون ڪهاڻيءَ ۾ انگن اکرن کان وڌيڪ تصوير ڪشيءَ تي زور ڏنو ويندو آهي . سنڌي ادب ۾ هن قسم جا جيون خاڪا آهن، جيڪي جدا ڪتابن کان سواءِ مختلف سوانح نمبرن ۾ ڪيترن اديبن ۽ عالمن ۾ لکيا آهن . محترم جي- ايم سيد جو "جديد سياست جا نو رتن"، ۽ "جنب گذاريم جن سين"، پيرحسام الدين راشديءَ جو 'هو ڏوڏي هو ڏينهن' ۽ 'ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون'، ۾ سنڌن لکيل جيون خاڪا، ٿہ ماهي مهراڻ جو 'سوانح نمبر'، الرحيم جو '١٢ صديءَ جا مشاهير نمبر' ۾ ان قسم جون مختلف جيون ڪهاڻيون اچي وڃن ٿيون، جن کي پڻ جيون خاڪا چوڻ بهتر ٿيندو .

٣- ادبي جيون ڪهاڻيون. هن ۾ اهي جيون توڙي آتم ڪهاڻيون اچي وڃن ٿيون جيڪي واقعاتي جيون ڪهاڻين کان نديون ۽ شخصي يا تصويري جيون ڪهاڻين کان وڏيون هونديون آهن. هن قسم جي لکڻيءَ ۾ تحقيق کان وڌيڪ تخيل جو حصو هوندو آهي. ان لکڻيءَ جو انداز ناول وانگر دلچسپ ۽ جذبات سان پربل هوندو آهي.

سنڌيءَ جون مشهور آتم ڪهاڻيون، مرزا قليچ بيگ جي 'ساڻو ٻن يا ڪارو ٻنو'، علامه دائود پوٽي جي نامڪمل آتم ڪهاڻي، 'منهنجي مختصر آتم ڪهاڻي'، محمد بخش مجنونءَ جي لکيل جيون ڪهاڻي، 'مسڪين جهان خان کوسو'، محمد صادق ميمڻ جي آتم ڪهاڻي 'تان ڪي ڏونگر ڏوريان'، پير عالي شاه جي، 'منهنجي ماضيءَ جا چند ورق'، رئيس ڪريم بخش نظاماڻي جي آتم ڪهاڻي، 'ڪيٺي ڪتاب'، گوبند مالهي جي آتم ڪهاڻي 'ڳالهيون منهنجي ڳوٺ جون' پوپٽي هيرآننداڻيءَ جي آتم ڪهاڻي، 'منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق' ۽ ٻيون اهڙيون لکڻيون ان زمري ۾ اچي وڃن ٿيون.

انڪنسواءِ جيون خاڪن کان هٽي ڪري جيڪي ادبي خاڪا لکيا ويا آهن، اهي پڻ هن ٽي زمري ۾ اچي وڃن ٿا. انهن ۾ پير علي محمد راشديءَ جو 'اهي ڏينهن اهي شينهن'، علي احمد بروهيءَ جو 'جام جاموٽ ۽ جامڙا'، طارق اشرف جو 'جيل ڪاريم جن سان' ۽ عبدالقادر جوڻيجي جو 'شڪليون' پڻ هن ٽي قسم جون تخليقي لکڻيون آهن، جن ۾ تخيل ۽ ذاتي راءِ کي وڌو دخل آهي. نه صرف ايترو پر هن قسم جي جيون ڪهاڻين، آتم ڪهاڻين ۽ خاڪن ۾ واقعن جي پيشڪش ۾ تاريخ وار ترتيب جو خيال ڪونه

رکيو ويندو آهي، بلڪ ليکڪ لکڻ مهل ڪهن وقت ماضيءَ جو بيان پيو ڪندو ته وري اوچتو حال ۾ هليو ويندو هو واقعي مان واقعو به بيان ڪندو ويندو ته وقت سر گذريل يا اوچتو ياد آيل ڳالهيون به هن ۾ جوڙيندو ويندو. تنهن ڪري هن جو انداز تحقيق کان وڌيڪ تخليقي بنجي پوي ٿو. خاص ڪري انهن لکڻين ۾ هو ڪيترن واقعن ۽ ڪردارن جي تشريح ۽ وضاحت اهڙي نموني ڪري ٿو، جهڙي نموني هن خود انهن واقعن يا ڪردارن کي ڏٺو ۽ محسوس ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح هو ڪي اهڙا واقعا ۽ اهڙا رخ به بيان ڪري ٿو، جيڪي عام نظر کان گم ٿيل آهن. هن قسم جي جيون ڪهاڻين يا آتم ڪهاڻين کي شاعرانه ڪري ڪوٺجي ته به درست ٿيندو.

جيون ڪهاڻيءَ جا نقاد ۽ شارح هن خيال جا آهن ته جيون ڪهاڻي لکندڙ ۾ تخيل جي قوت به هئڻ گهرجي، جنهن سان هو ماضي کي به ڏسي ۽ محسوس ڪري سگهي. ليڪن گڏوگڏ هن کي واقعات جي پروڙ به هئڻ گهرجي، جو ته واقعات کي بلڪل تصوراتي انداز ۾ پيش ڪرڻو ڪونهي. ان ڏس ۾ اهو به ضروري آهي ته جڏهن هڪ گذاري ويل شخص جي جيون ڪهاڻي لکجي ته به سچ ئي لکڻ گهرجي.

جيون ڪهاڻيءَ جي ليکڪ لاءِ اهو به ضروري آهي ته هو جنهن جي جيون ڪهاڻي لکي، تنهن جي حياتي، ماحول، ڪم ۽ ذندي کان به واقفيت هئڻ گهرجيس. جيڪڏهن ڪنهن سياستدان جي جيون ڪهاڻي لکڻي هجيس ته هو ان دور جي سياست کان به واقف هئڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن ڪنهن ادبي ۽ ثقافتي شخصيت

جي جيون جو احوال ڏيئو اٿس ته پوءِ ان دور جي ادبي ۽ ثقافتي تحريڪن کان به مڪمل طور واقفيت هٿ ڪرجيس.

خاص ڪري سائنسي ۽ سياسي شخصيتن جون جيون ڪهاڻيون کوجنا ۽ مواد جي فراهميءَ کان سواءِ لکڻ ممڪن نه آهن. اهي ڪهاڻيون انگن اکرن جي آڌار تي ئي لکي سگهجن ٿيون. ٻيو جتي ڪنهن شخصيت جو ذاتي احوال ڏئي ڏيئو آهي، ته پوءِ ان جي باري ۾ ذاتي معلومات جو به وڏو دخل هوندو آهي، جنهن ۾ پيو مواد صرف بنياد جو ڪم ڏيندو آهي.

هنن قسمن سان سهمت هوندي به انهن ۾ ترتيب جي تبديلي ڪرڻ ضروري آهي. کوجنا، تاريخي ترتيب، مواد ۽ تخليقي ڪوشش کي نظر ۾ رکندي، اها ترتيب هيٺن هٿ ڪرجي:

(۱) واقعاتي جيون ڪهاڻيون.
(۲) شخصي جيون ڪهاڻيون، آتم ڪهاڻيون ۽ جيون خاڪا.
(۳) تصويري جيون ڪهاڻيون ۽ ادبي خاڪا.

آتم ڪهاڻين جي ڏس ۾، جو ته اها ليکڪ جي پنهنجي حياتيءَ جي باري ۾ هوندي آهي، تنهن ڪري هن کي تحقيقي مواد جي ڪا ضرورت نه ٿي پوي. بلڪ هو پنهنجين يادگيرين ۽ پنهنجن متن مائٽن طرفان مليل معلومات کان ئي ڪم وٺي سگهي ٿو. ها، البته پنهنجي جم کان اڳ يا ماضيءَ جي ڪن اهم واقعن يا پس منظر توڙي اهم شخصيتن جي ڪردار کي پيش ڪرڻ لاءِ ڪنهن مواد کي استعمال ڪرڻ چاهي ته اها ٻي ڳالهه آهي. پر پڙهندڙ انهن ئي واقعن ۾ دلچسپي رکندو آهي، جيڪي هن کي پيش آيا هجن ۽ انهن کي اهڙي دلچسپ انداز ۾ لکيو هجيس جو

پڙهندڙ جي تجسس جي جذبي جي تسڪين ٿئي ۽ هن کي ڪو سبق به حاصل ٿئي.

ڪيترين ئي جيون توڙي آتم ڪهاڻين ۾ هڪ شخصيت جو ذڪر هلندي هلندي ڪنهن ٻي اهم شخصيت جو ضمني ذڪر ملي ويندو آهي. ان جي حيثيت ڪڏهن ادبي ته ڪڏهن جيون خاڪي واري هوندي آهي. هت اها ڳالهه به واضح ڪرڻ ضروري آهي ته جيون خاڪا توڙي ادبي خاڪا سنڌي ادب ۾ گهڻي وقت کان لکيا پيا وڃن، خاص ڪري پيغمبرن، ولين، درويشن ۽ صوفين جا قصا توڙي سياستدانن جي باري ۾ لکيل خاڪا ته جام مان ٿا.

جيون ڪهاڻين ۽ آتم ڪهاڻين ۾ جن خاص ڳالهين جو ذڪر ڪيل هوندو آهي، اهي هن ريت آهن.

١- ذاتي زندگي:

جيون ڪهاڻين توڙي آتم ڪهاڻين ۾ ڪنهن شخصيت جي ذاتي حياتيءَ جي احوال کي اوليت حاصل هوندي آهي. هن احوال ۾ انهن شخصن جو به ذڪر اچي ويندو آهي، جن جو واسطو مذڪوره شخصيت سان ڪنهن ذاتي رشتي يا ناطي سان هوندو آهي. هن جا مٽ مائٽ، دوست عزيز، هن جا همعصر، واسطيدار شخص، وڏيرا، جاگيردار، دڪاندار، آفيسر يا ماتحت، انهن جو به تفصيلي ذڪر هوندو آهي. تنهنڪري جيون ڪهاڻي لکڻ واري جو اهو فرض آهي ته هو اهڙن ڪردارن مان به چڱيءَ طرح واقف هجي ته جيئن جيون ڪهاڻيءَ جي مک ڪردار سان انصاف ڪري سگهي.

هن قسم جو ذڪر ڪردار جي حسب نسب، پيدائش، اوائلي تربيت، اوائلي تعليم ۽ عملي زندگيءَ ۾ داخل ٿيڻ جي بيان تي ٻڌل هوندو آهي. جيون ڪهاڻي جا لکندڙ اهڙو احوال تاريخن، تذڪرن

يا ان شخص جي مٽن مائٽن ۽ دوستن يارن کان ٻه حاصل ڪري سگهندا آهن. ٻر آتم ڪهاڻيءَ جو ليکڪ ٻه پنهنجي ولادت يا ان اڳ وارا خانداني حالات ۽ ننڍپڻ جا واقعا پنهنجن مٽن مائٽن کان معلوم ڪندو آهي.

٢- شخصي آزمودا.

آتم ڪهاڻين ۾ ٻين ڪهاڻين جي برعڪس شخصي آزمودا بيان ڪيل هوندا آهن. جيئن ته اهي هر فرد کي مختلف انداز ۾ حاصل ٿين ٿا. تنهنڪري اهي دلچسپ ۽ ڪهڻو ٿين ٿا ۽ پڙهندڙن ۾ تجسس ۽ انجام ڄاڻڻ جو شوق پيدا ڪن ٿا. اهڙين لکڻين مان ڪي ماٺو سبق پرائي سگهي ٿو. اهي ڪي لکڻيون ڪنهن دور جي حقيقي تصوير چٽين ٿيون.

٣- ماحولياتي تجزيو.

آتم ڪهاڻين جا ليکڪ پنهنجو خانداني ۽ سماجي پس منظر پيش ڪرڻ لاءِ ماحولياتي تجزيو پڻ ڪندا آهن. ان ڪري جو هو ڪنهن دور جي خاص معاشري جو ماحول واضح نه ڪندا ته خود هنن جي شخصيت جي باري ۾ صحيح معلومات نه ملي سگهندي. ڪن خاص حالتن ۾ ڪو به انسان پنهنجي مخصوص ماحول جي تجزيي کان سواءِ سڃاڻجي نه ٿو سگهي. هن ڏس ۾ علامه دائودپوٽي جي آتم ڪهاڻي، "منهنجي مختصر آتم ڪهاڻي"، جو ٺي مثال وٺو. هن پنهنجي شخصيت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ جت ڪٿ ان دور جي ماحول جي عڪاسي ڪئي آهي. ان دور جو جاگيردارانه نظام، هٽ جو پورهيو ڪندڙ کي گهٽ نگاهن سان ڏسڻ يا هڪ غريب شخص جي تعليم حاصل ڪرڻ کي عيب ڪري ڄاڻڻ، اسڪولن جي هاسٽلن ۾ غريب ۽ امير لاءِ جدا مانيءَ جو انتظام هجڻ ۽

اهڙيون پيون ڪيتريون ڳالهيون ، جن جي ذڪر ڪانسواءِ هيءَ آتم ڪهاڻي ادوري رهجي وڃي ها . (٢١)

جيون ڪهاڻي توڙي آتم ڪهاڻيءَ ڪي پڙهڻ مان اهوئي تہ فائدو آهي تہ پڙهندڙ هڪ نئين ماحول مان واقف ٿئي ٿو ۽ هن ۾ ان ماحول مان پنهنجي ماحول کي پيٽڻ جي خوبي پيدا ٿئي ٿي .

٤- سياسي ۽ سماجي پس منظر.

جيون ڪهاڻيون ۽ آتم ڪهاڻيون هڪ نئي وقت سياسي ، سماجي ، ثقافتي ۽ تاريخي زندگيءَ جو اهڙو احوال ڏين ٿيون جيڪو ڪن مصلحتن جي ڪري ڪڏهن ڪڏهن تاريخ ۾ بہ ڪو نہ ملندو آهي . تنهنڪري انهن جي اهميت اڃا بہ وڌي وڃي ٿي .

هي لکڻيون ماضيءَ جي ادب وانگر نہ آهن، جيڪي تخيل کان وڌيڪ حقيقت سان واسطو رکن ٿيون . انهن کي پڙهندي ماڻهو پنهنجي ماضيءَ جي حقيقي ماحول ۾ پهچي وڃي ٿو ۽ ان دور جي مختلف رنگن کي بخوبي ڏسڻ لڳي ٿو . انهن ۾ نہ مختلف سياسي دورن جي عڪاسي ڪيل آهي . سيٺ نائونمل جي "يادگيريون" ۾ انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ جا واقعات ملن ٿا (٢٢)، پير عالي شاهہ جي آتم ڪهاڻي " منهنجي ماضيءَ جا چند ورق" ۾ انگريزن جي دور جي ڪيترين نئي ڳالهين ۽ سياسي عمل جو ذڪر ملي ٿو ٢٣)، مرزا قليچ بيگ جي "سائو پن يا ڪارو پنو"، ۾ هڪ سرڪاري عملدار ۽ اورچ اديب جي حوالي سان ان دور جي ڪيترين نئي سياسي ۽ سماجي ڳالهين جو ذڪر ملي ٿو(٢٤) .

ساڳي طرح "راج رشي ديوان ڏيارام گدومل جو جيون چرتر" مان وري ان دور جي سياست توڙي سماج سڌار ڳالهين جو مڪمل احوال ٿو ملي (٢٥) تہ خانبهادر حسن علي آفندي جي جيون

ڪهاڻيءَ مان سا ڳئي دور جي مسلم سوچ جو احوال ٿو ملي (٢٦).

اهڙي نموني سنڌي آتم ڪهاڻين ۽ جيون ڪهاڻين مان ڏاڪي به ڏاڪي مختلف دورن جو احوال حاصل ڪري سگهجي ٿو ۽ مختلف لکڻيون آڏو رکڻ سان اهو بخوبي محسوس ٿئي ٿو ته سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي تاريخ جي ڪا به ڪڙي ڪٿان گم ٿيل ڪانهي.

حوالا

(١) سيٺ ناٺومل جي آتم ڪهاڻي "ياد گيريون" سنڌي ناولن، دل آرام ۽ زينت کان به اڳ جي لکيل آهي.

2. Encyclopaedia Britanica Inc. Chicago-U S.A 1986 P. 222
3. Leon Edel- Literary biography. Rupert hart- devis 1957 P- I
4. Herald Nicholson The development of English biograpy-Mathew and Co London, P-22
5. Ibid. P-27
9. Encyclopaedia Britnica P- 22
7. Alen Shelston-Biography (The Critical idea) Mathew and Co London. 1977 P- 3

(٨) قليچ بيگ، مرزا، ساڏو ين يا ڪارو ين. سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد. صفحو ١٣

9. Literary biography PP.3
10. Biography PP. 3

(١١) لعل بشپ، جيوني لکڻ جي ڪلا (مضمون)، ماهوار ڪونج، انڊيا. نومبر ١٩٦٣ع

(١٢) سالڪ، علم دين. آپ بيتيون کي بعض نمايان پهلو، نقوش. سوانح نمبر. ١٩٦٣ع صفحه ٣٠

(١٣) سيدعبدالله، ڊاڪٽر، آپ بيتي . نقوش. سوانح نمبر١٩٦٣ع صفحه ٦٥
(١٤) ريحانه قائم، آپ بيتي ڪيا هي. نقوش. سوانح نمبر ١٩١٣ع صفحه ٦٣
(١٥) انصاري، يوسف جمال، آپ بيتی اور اس کی مختلف صورتيں، نقوش. صفحه ٧٣
(١٦) مهر، غلام رسول، آپ بيتيون ڪي اهميت، نقوش، صفحه ٣٨
(١٧) آپ بيتيون ڪي چند نمايان پهلو. نقوش، صفحه ٥٣
18. J.P. Hardy (editor) Jhonson's lives of the poets· Ox Uni. Press. London 1971
(١٩) جي- ايم سيد (مرتب)، رهاڻ، ميران محمد شاهه جا خط. سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد. ١٩٦٥ع
(٢٠) راشدي، پير علي محمد. پير علی محمد راشديءَ جا خط.
(٢١) عمر بن محمد دائود پوٽو، علامہ، منهنجي مختصر آتم ڪهاڻي، سنڌي ادبي سوسائٽي ڪراچي. ١٩٦٠ع
(٢٢) نائونمل، سيٺ، ياد گيريون (ترجمو: حنيف صديقي)، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد. ١٩٦٨ع
(٢٣) جيلاني، پير عالي شاهه، منهنجي ماضيءَ جا چند ورق، لاڙ ادبي سوسائٽي بدين. ١٩٧٥ع
(٢٤) قليچ بيگ، مرزا، سانو ڻن ياڪارو ڻنو، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.
(٢٥) ٿهرواڻي، نرسنگهداس شيوارام، راڄ رشي ڏيارام گدومل جو جيون چرتر. ڪوڙو مل سنڌي ساهتيه اڪيڊمي، ڪاهي رستو حيدرآباد. ١٩٣٨ع
(٢٦) قليچ بيگ، مرزا، خانبهادر حسن علي آفندي. ٽ ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ ٣-٤. ١٩٥٨غ